

# شانِ علي

## بزبانِ نبي ﷺ

**22-April-2022**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

21اپريل ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شانِ علي بزبانِ نبي

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

- ✿... حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي راضي ڪرڻ جو طريقو
- ✿... ماڻهن جا حق پُورا ڪريو!
- ✿... نادِ علي جون برڪتون
- ✿... ڪڏهن به اُڃ نه لڳڻ جو انوکو راز

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**هڪ ڀيري جو ذِڪر آهي، مسلمانن جا چوٿيان خليفا حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪنهن هنڌ تشريف فرما هئا، ڪائن ڪجهه پري چند ڪافِر ويٺل هئا، هڪ فقير انهن ڪافرن وٽ اچي سوال ڪيو، انهن ڪافرن کي شرارت سُجهي ۽ انهن حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي طرف اشارو ڪري ان فقير کي چيو: انهن وٽ وڃو، اهو توهان کي ضرور ڪجهه ڏيندا. فقير کي ته مالِي مدد کپي پئي، ان ڪري هو حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هي سڀ ڏسي رهيا هئا، پاڻ 10 ڀيرا درود پاڪ پڙهي ان فقير جي تِري تي ڦوڪ هڻي فرمايائون: مُٺي بند ڪيو ۽ جن ماڻهن توکي موڪليو آهي، اُنهن جي سامهون وڃي کولي ڇڏجان.**

**(ڪافِر هي منظر ڏسي کلي رهيا هئا، ته خالي ڦوڪ هڻڻ سان ڇا تو ٿئي!) اهو فقير مُٺ بند ڪري انهن ڪافرن وٽ پهتو ۽ انهن جي سامهون اچي مُٺ کوليائين، هي ڇا، اهي ڪافِر جيڪي مذاق طور کلي رهيا هئا، اهي ڏسي حيران ٿي ويا ته خالي مُٺ جنهن تي حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ درود پاڪ پڙهي ڦوڪ هنئي هئي، ان ۾ هڪ دِينار (سون جو سڪو) موجود آهي. اَمِيرُ المُؤمِنِين موليٰ**

علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي اها ڪرامت ڏسي ڪيترائي ڪافِر مسلمان ٿي ويا.[1]

پئے حسين و حسن فاطمہ علي حيدر | ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یارَبّ![2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دار ومدار نيتن تي آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت اَفضَل ترين عَمَل آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! نيت ڪريو: ۞ نگاهون هيٺ ڪري ڌيان سان بيان ٻُڌندس ۞ عِلمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيتري دير ٿي سگهيو اَلتَّحِيات جي شڪل ۾ (يعني جهڙي طرح نماز ۾ اَلتَّحِيات پڙهڻ جي لاءِ ويهندا آهيون، اهڙي طرح) ويهندس ۞ بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس ۞ هٿ ملائيندس ۞ ۽ نيڪي جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي راضي ڪرڻ جو طريقو

حضرت علّامہ محبُ الدّين طَبري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ روايت نقل ڪن ٿا، جنهن جو مضمون هي آهي تہ مسلمانن جيَ چوٿين خليفي حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي خلافت جو دور هو، هڪ ڏينهن پاڻ بازار ويا، اتي پاڻ ڏٺائون تہ عورت بيهي روئي رهي آهي، مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ان کان روئڻ جو سبب پڇيو تہ ان چيو: مان ڪنيز (ٻانهيء) آهيان، مان فلاڻي دُڪان واري کان ڪجھ درهم جون کجورون خريد ڪيون هيون پر منهنجي مالِڪ کي اهي کجورون پسند نہ آيون ۽ ان واپَس موٽائي ڏنيون، هاڻي دُڪان وارو کجورون واپس نہ پيو وٺي، ان

---

[1] …راحتُ القلوب، صفحہ:50۔

[2] …وسائل بخشش،صفحہ:76۔

[3] …بخاري، کتاب:بَدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪري مان پريشان آهيان. حضرت علي المرتضي شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْه ڪجورون وڪڻ واري سان ان عورت جي سِفارش ڪئي ۽ فرمايائون: ڪجورون واپس وٺو ۽ هن ويچاريءَ جا دِرهم موٽائي ڏيو، هي ته ٻانهيءَ آهي، پنهنجي مرضي نٿي هلائي سگهي. حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْه وڏي عاجزي وارا هئا، جيئن اڄڪلھ ٿيندو آهي ته بادشاھ ڪٿي ويندا آهن ته مڪمل پروٽوڪول سان ويندا آهن، سيڪورٽي گارڊز گڏ هوندا آهن، حضرت مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْه سان گڏ اهڙي سيڪورٽي نہ هئي، پاڻ عام ماڻهن وانگر ئي بازار ۾ ويندا هئا، ڪجورون وڪڻڻ واري ڪين ڪونہ سڃاتو، حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْه جڏهن عورت جي سفارش ڪئي تہ دُڪان واري مَعَاذَ الله! حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہُ عَنْه کي ڌڪا ڏنا. ماڻهن جڏهن اِهو منظر ڏٺو تہ دُڪان واري کي چيائون: ڇا توکي خبر آهي تون جنهن کي ڌڪو ڏنو آهي، اهو ڪير آهي؟ چيائين: نہ، مون کي خبر ناهي. ماڻهن ٻڌايو: هي اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْه آهن. هاڻي اهو شخص گهبرائجي جلدي جلدي ان عورت کان ڪجورون واپس ورتيون، ان جا درهم ان کي واپَس موٽائي ڏنائين ۽ حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عاجزي سان عرض ڪيائين: سائين! مان چاهيان ٿو تہ اوهان مون سان راضي ٿي وڃو. مولاءِ ڪائنات، حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْه فرمايو: جيڪڏهن منهنجي رضا چاهيو ٿا تہ ماڻهن جا حق پُورا پُورا ادا ڪريو...!! [(1)]

| | |
|---|---|
| یاعلیؑ المرتضیٰ، مولیٰ علی مشکل کشا | آپ ہیں شیرِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا |
| صاحِبِ لطف و عطا مولیٰ علی مشکل کشا | ہیں شہیدِ باوَفا مولیٰ علی مشکل کشا[(2)] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هن سبق آموز واقعي ۾ اسان جي لاءِ سکڻ جا ڪوڙ مدني گل آهن. سڀ کان پهريان تہ هي ڏسو تہ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْه ڪيتري

---

[1] ... فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل،فضائل علی ،جز :2 ،صفحہ:621 ،حدیث:1062۔

[2] ...وسائل بخشش،صفحہ:521۔

عاجزي وارا هئا، پاڻ اَمِيرُ المُؤمِنِين هئا، مسلمانن جا خليفه هئا، ان جي باوجود عام ماڻهن وانگر بنا ڪنهن پروٽوڪول جي بازار ويندا هئا، پوءِ هن ڳالھ تي به غور ڪريو ته ان شخص لا علمي ۾ ڪين مَعَاذَاللّٰه! ڏڪا ڏنا، هي بي ادبي وارو انداز هو، ان تي به پاڻ ان شخص کي ڪا سزا نه ڏني.

## موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي عاجزي ۽ انڪساري

سُبْحٰنَ اللّٰه! الله پاڪ اسان کي به تَواضُع ۽ عاجزي جي دولت نصيب فرمائي. حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي باري ۾ روايتن ۾ آهي ته پاڻ پنهنجي دورِ خِلافت ۾ اميرُ المؤمنين ٿيڻ جي باوُجُود بازار ويندا هئا، اتي ڪنهن جي ڪا شيءِ ڪِري پوندي هئي ته پنهنجي هٿن سان کڻي ڏيندا هئا، ڪو شخص راھ پلجي ويندو هو ته ان کي راھ ٻڌائيندا هئا، ڪو وزني سامان کڻي رهيو هوندو هو ته سامان کڻڻ ۾ ان جي مدد ڪندا هئا.[1]

ڪاش! اسان به عاجزي اِختيار ڪريون، مَنصب ملي ويو، وڏو عُهدو ملي ويو، اسان مالدار ٿي وياسين ته هن جو اِهو مطلب ناهي ته اسان تڪبر جو شِڪار ٿيون، غريبن کي ڏسي نرڙ تي گُهنج آڻيون، نه ايئن هر گز نه ڪرڻ کپي، مخلوقِ خُدا جي مدد ڪرڻ کپي، ماڻهن جي ڪم اچڻ گهرجي، غريبن جي مدد ڪرڻ گهرجي، اسان وٽ ماڻهو پنهنجو ڪم پاڻ ڪندي به ڪيٻائيندا آهن، ڪاش! مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو صدقو اسان کي به عاجزي ۽ انڪساري جي دولت نصيب ٿي وڃي.

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا | یارَبّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجِزی کا[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … رياض النضرة ،باب الرابع فی مناقب امير المؤمنين على بن ابی طالب ،صفحہ:187،رقم:1652۔

[2] …وسائل بخشش،صفحہ:178۔

## ماٽھن جا حق پُورا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيو مدني گل جيڪو هن واقعي مان اسان کي سکڻ لاءِ مليو اهو هي ته حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪجورون وڪڻڻ واري کي فرمايو: توهان مون کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿا ته ماڻهن جا حق پورا ڪريو.

هن مان معلوم ٿيو ته ماڻهن جا حق پُورا ڪرڻ وڏي فضيلت ۽ اهميت وارو ڪم آهي، اسان سڀني کي گھرجي ته ٻانهن جا حق پُورا ڪريون. والدين جا به حق آهن، ڀينرن ڀائرن جا به حق آهن، اسلام ڀاڙيسرين جا به حق رکيا آهن، دوست احباب جا به حق رکيا آهن، علائقي وارن جا به حق آهن، دُڪاندار جا به حق آهن، گراهڪ جا به حق آهن، انهن سڀني جا حق پُورا ڪرڻا آهن. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِيم! امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ احياءُ العلوم جي ٻئي جلد ۾ تفصيل سان ٻانهن جا حق بيان ڪيا آهن. اتان ڪان حقن بابت پڙهي وٺندؤ ته اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِيم! حق پورا ڪرڻ جو ذهن به ٺهجندو ۽ هن باري ۾ ڪافِي معلومات به حاصِل ٿي ويندي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارُف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ مسلمانن جو چوٿون خليفو هو، پاڻ 13 رَجَبُ الْمُرَجَّب تي مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا، 10 سالن جي عمر مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيائون،[1] سندن امڙ سائڻ سندن نالو **حيدر** ڌرهن ته والد سندن نالو **علي** رکيو، رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن کي اَسَدُ الله جي لقب سان نوازيو، اَسَدُ الله جي معنيٰ آهي: شيرِ خُدا يعني الله پاڪ جو شينهن.[2]

علی المرتضیٰ شیرِ خُدا ہیں | کہ ان سے خوش حبیبِ کبریاں ہیں

[1] … ڪراماتِ شيرِ خدا،صفحہ:12 ملخصاً۔

[2] … مرآۃ المناجیح،جلد:8 ،صفحہ:412، ملخصاً۔

حضرت موليٰ علي مشڪل ڪشا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ 21 رمضان المبارڪ تي شهادت جو جام پيتو.[1]

اَصْلِ نَسْلِ صَفَا، وجہِ وَصْلِ خُدا | بابِ فَضْلِ وِلايَت پہ لاکھوں سلام[2]

وضاحت: حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ خالِص پاڪ سيدن جو اصل ۽ بنياد آهن، واصِل بِاللّٰه تيڻ (يعني اللّٰه پاڪ جو مُقَرَّب بڻجڻ) جو سبب ۽ ولايت جون فضيلتون ملڻ جو دروازو آهن. سندن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ تي لکين سلام هجن.

اي عاشقانِ رسول! اچو! موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي شان ۽ عظمت ۾ ڪجهه حديث سڳوريون ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪريون ٿا:

## (حديث:1) جنهن جو مان موليٰ، ان جا علي موليٰ

حَجَّةُ الوَداع جو موقعو هو (اسان جي آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ظاهري زندگي مبارڪ ۾ جيڪو آخري حج ڪيو، ان کي حَجَّةُ الوَداع چيو ويندو آهي) ان موقعي تي پياري آقا، نُورِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حج جي ادائيگي کان بعد مديني پاڪ اچي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ مقام اچي ٿو جنهن کي **غديرِ خُم** چيو ويندو آهي. حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: غديرِ خُم جي مقام تي رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ قيام فرمايو، هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ جڳهه صاف ڪئي وئي، اتي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ظهر جي نماز ادا ڪئي، نماز کان بعد اللّٰه پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابي سڳورن عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي مخاطب ڪري فرمايو: اَلَسْتُمْ تَعْلَمُوْنَ اَنِّيْ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ يعني (اي منهنجا صحابہ!) ڇا توهان کي خبر ناهي تہ مان مسلمانن جو انهن جي جان کان وڌيڪ مالڪ آهيان. صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: بَلٰى يعني ڇو نہ، (يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! يقيناً اوهان اسان کان وڌيڪ اسان جي جانن جا مالڪ

---

[1] … ڪراماتِ شير خدا، صفحہ:13 ملخصاً۔

[2] …حدائق بخشش، صفحہ:313۔

آهيو) الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻيهر فرمايو: اَلَسْتُمْ تَعْلَمُوْنَ اَنِّىْ اَوْلٰى بِكُلِّ مُؤْمِنٍ مِنْ نَفْسِهٖ ڇا توهان کي خبر ناهي تہ مان هر مسلمان جو ان جي جان کان وڌيڪ مالڪ آهيان. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻيهر عرض ڪيو: بَلٰى ڇو نہ، (يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان اسان مان هر هڪ جا ان جي جان کان وڌيڪ مالڪ آهيو) هاڻي مالِڪ و مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پياري صحابي، حسنين ڪريمين جي والدِ محترم حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ ۾ وٺي فرمايائون: مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ جنهن جو مان مولٰي آهيان، ان جو علي مولٰي آهي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا گهري: اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَ عَادِمَنْ عَادَاهُ اي الله پاڪ! جيڪو علي سان محبت ڪري، تون ان سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو علي سان دشمني رکي، تون ان سان دُشمني فرماءِ.(1)

جس کسی کا میں ہوں مولیٰ، اس کے مولیٰ ہیں علی | ہے یہ قولِ مصطفٰے مولیٰ علی مشکل کشا(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هن حديثِ پاڪ ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صاف صاف فرمائي ڇڏيو تہ حضرت علي المرتضيٰ هر مسلمان جا مولٰي آهن. حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هتي وَلِي (يعني مولٰي) جي معنيٰ خليفو نہ آهي، بلڪ هن جي معنيٰ آهي: دوست يا مدد گار. يعني اسان جي آقا ۽ مولٰي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ فرمان جو مطلب هي آهي تہ جنهن جنهن جو مان محبوب ۽ مددگار آهيان، ان جو علي بہ دوست، محبوب ۽ مددگار آهي.(3)

اي عاشقانِ صحابه و اهلِ بيت! هتان کان اهو بہ معلوم ٿي ويو تہ ياعَلِي مدد چوڻ بلڪل جائز آهي ڇوتہ اسان جي آقا، نورِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت تائين اچڻ

[1] … فضائل الصحابہ لاحمد بن حنبل،فضائل علی ،جز :2 ،صفحہ:596 ،حدیث:1016۔

[2] …وسائل بخشش،صفحہ:521۔

[3] … مرآة المناجیح،جلد: 8، صفحہ:417۔

وارن تمام مسلمانن جا موليٰ (يعني محبوب ۽ مددگار) آهن، لهٰذا حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بہ قيامت تائين ايندڙ هر هر مسلمان جا محبوب ۽ مددگار ٿيا، جڏهن هو اسان جا مددگار آهن تہ انهن کان مدد گهرڻ ڇو ناجائِز ٿئي سگهي ٿو. لهٰذا ڪا مشڪل اچي، پريشاني اچي، ڏُک، دَرد، غم مصيبت اچي تہ يا عَلِي مدد پُڪاريو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکرِيم! موليٰ علي مُشڪل ڪشا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ضرور ڪرم فرمائيندا ۽ بگڙيل ڪم بہ ٺاهيندا. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکرِيم!

کیوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو! | تم نے بگڑی مری بنائی ہے

## نادِ علي جون برڪتون

شاهہ محمد غوث گواليارِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو ڪتاب آهي: جواهرِ خمسہ. هن ڪتاب ۾ وظيفا پڻ لکيل آهن، تمام گهڻو مشهور ڪتاب آهي، وڏن وڏن عالم سڳورن، اولياءِ ڪرام ايستائين جو پاڪ و هند جي تمام وڏي مُحَدِّث شاهہ وَلِي اللّٰہ مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن ڪتاب ۾ لکيل وظيفن جون اجازتون ڏنيون آهن، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ بہ هن ڪتاب جي واڪاڻ ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ نادِ عَلِي پڙهڻ جي بہ ترغيب موجود آهي. نادِ علي هي آهي:

نَادِ عَلِیًّا مَّظْهَرَ الْعَجَائِبِ تَجِدْهُ عَوْنًا لَّکَ فِی النَّوَائِبِ کُلُّ هَمٍّ وَّ غَمٍّ سَيَنْجَلِیْ بِنَبُوَّتِکَ يَا مَحَمَّدُ بِوَلَايَتِکَ يَا عَلِیُّ يَا عَلِیُّ يَا عَلِیُّ

**ترجمو:** حضرت علي کي پُڪاريو جيڪي عجائب جا مظهر آهن، ڪين تمام مصيبتن ۾ پنهنجو مددگار لهندين، هر رنج ۽ غم پري ٿي ويندو،نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نبوت سان ۽ سندن توهان جي وِلايت سان ياعَلِي! يا عَلِي! ياعَلِي![1]

عالم سڳورن لکيو آهي: جنهن کي ڪا مشڪل اچي، پريشاني ٿئي،

1 ... جَواہرِ خمسہ مُتَرجَم،صفحہ:282 ۔

بيماري ٿي وڃي، رنج و غم ستائن، ڪو وڏو مقصد هجي، اهو نادِ علي پڙهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! هن جي برڪت سان پريشانيون، رنج و غم پري ٿيندا، مشڪلاتون ختم ٿينديون ۽ مقصد ۾ ڪاميابي ملندي.

**اي عاشقانِ رسول!** جيڪڏهن اوهان پاڻ نادِ علي لکي نٿا سگهو يا اوهان جي لاءِ پڙهڻ مشڪل آهي، تہ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: روحاني علاج جتي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏکياري امت جي غمخواري ڪندي رضاءِ الٰهي جي حصول جي لاءِ تعويذآت عطاريہ بہ ڏنا ويندا آهن. ۽ اوراد و وظائف ۽ روحاني علاج بہ ٻڌايا ويندا آهن. ڪيئي مشڪلاتن ۽ بيمارن جي ڪاٽ ڪئي ويندي آهي. آن لائن استخارو ڪيو ويندو آهي. ۽ روحاني علاج ٻڌايا ويندا آهن، اُتان نادِ علي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

| | |
|---|---|
| میں گناہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجئے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کشا |
| مغفرت کروایئے! جنّت میں لے کے جایئے! | واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کشا |
| اشکبار آنکھیں عطا ہوں، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا |
| بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کشا |
| کیوں پھِروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے | میں فقط منگتا ترا مولیٰ علی مشکل کشا[1] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (حديث:2) حضرت علي کي ڏسڻ عبادت آهي

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلنَّظْرُ اِلٰى وَجْهِ عَلِي عِبَادَةٌ علي جي چهري کي ڏسڻ عبادت آهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! ڪيترو نہ عظيم شان آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: هي حضرت موليٰ

[1] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:522و 523 و 524۔

[2] ... مستدرک، کتاب معرفة الصحابة، باب النظرالی علی عبادة،جلد:4،صفحہ :118،حديث:4737۔

علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خصوصي فضيلت آهي.[1]

## حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو عمل مبارڪ

مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مبارڪ عادَت هئي ته پاڻ حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي نگاهه جمائي ڏسندا هئا. هڪ ڏينهن سندن شهزادي اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہا عرض ڪيو: بابا سائين! مون ڏٺو آهي ته اوهان جڏهن حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ڏسو ٿا ته ڏسندا ئي وڃو ٿا، هن جو ڇا سبب آهي؟ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: ڌيء! مون الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته بيشڪ علي جي چهري کي ڏسڻ عبادت آهي.[2]

هاڻي هي واري عِبادت (ته حضرت علي کي ڏسڻ عبادت آهي هي ته) صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪئي يا خُوش نصيب تابعين کي به نصيب ٿي، اسان جي نصيب ۾ اها سَعَادت ڪٿي آهي...! ڪاش! حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪرم فرمائين، خواب ۾ ئي تشريف ڪٽي اچن ۽ اسان گُنَاهگارن کي ديدار جو جام پيئڻ نصيب ٿئي.

| | |
|---|---|
| شَبَّر و شَبِّیر کے بابا مجھے دیدار ہو | خواب میں اب آپکا مولیٰ علی مشکل کشا |

## (حديث:3) علي جي محبت ايمان جي نشاني آهي

مُسلم شريف جي حديثِ پاڪ آهي ۽ ان جا راوِي (يعني حديث بيان ڪرڻ وارا) پاڻ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ آهن، فرمائن ٿا: مون کي اُن ذات جو قسم! جيڪو ٻج کي چيريندو(يعني ٻج مان وڻ ڪڍندي) ٿو، ان ذات جو قسم! جنهن رُوح کي پيدا ڪيو، بيشڪ نبي اُمّي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1] ... مستدرک، کتاب معرفة الصحابة، باب النظرالی علی عبادة،جلد:4،صفحہ :118،حدیث:4737۔

[2] ... المجالسة،جزء السادس و العشرون،جلد:3،صفحہ:269، رقم:3596۔

## صِرف سچّي محبت ئي اَصل محبت آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هتي هڪ ڳالهه ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي، اها هي ته حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هر قسم جي محبت نجات ڏيارڻ واري نه آهي، محبّتِ علي جا ڪجهه انداز اهڙا به آهن جيڪي نجات جي بدران هلاڪ ڪرڻ وارا آهن، جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي ۽ هن حديثِ پاڪ جا راوِي به پاڻ موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ئي آهن، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي گهرائي فرمايو: اي علي! توهان ۾ (الله پاڪ جي نبي حضرت) عيسيٰ (عَلَیہ السَّلَام) جو مثال آهي (اهو ايئن جو) حضرت عيسيٰ عَلَیہ السَّلَام سان يهودين بغض رکيو، ايستائين جو سندن اَمڙ سائڻ(حضرت مريم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہَا) تي تهمت لڳائي ۽ حضرت عيسيٰ عَلَیہ السَّلَام سان نصاريٰ محبت ڪئي ته انهن کي ان درجي ۾ پهچايو جيڪو اُن جو نه هو.

هي حديثِ پاڪ بيان ڪرڻ کان بعد شيرِ خُدا حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: انسانو! ٻُڌي ونو...! منهنجي باري ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هلاڪ ٿيندا (1): منهنجي محبت ۾ اِفراط ڪرڻ (يعني حد کان وڌڻ) وارا، مون کي اُنهن وصفن ۾ وڌائيندا جيڪي مون ۾ نه آهن ۽ (2): مون سان بغض رکڻ وارا انهن جو بغض انهن کي اڀاريندو ته مون تي بهتان لڳائن.[1]

مشهور مُفَسّرِ قُرآن، حڪيم الأمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ جيءَ حوالي سان فرمائن ٿا: محبّتِ علي ايمان جي اصل آهي. ها! محبّت ۾ ناجائز اِفراط (يعني حد کان وڌڻ) بُرو آهي پر عداوتِ علي اَصل ئي کان حرام بلڪ ڪڏهن ڪفر آهي.[2]

عليؑ المرتضیٰ شیرِ خدا ہیں | کہ اِن سے خوش حبیبِ کبریا ہیں

**اي عاشقانِ رسول!** معلوم ٿيو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اها محبت جو

---

1 ... مستدرک ، کتاب معرفۃ الصحابۃ، جلد:4، صفحہ:91، حدیث:4680۔

2 ... مرأۃ المناجیح،جلد:8 ،صفحہ:424۔

محبت ڪرڻ وارو شريعت جون حَدون ٽوڙي، اها محبت نجات ڏيارڻ واري ناهي، نہ ئي اها محبت ايمان جي نشاني آهي بلڪ هي تہ هلاڪت ۾ وجهڻ واري محبت آهي. ها! حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللہ عَنْہ جي اها محبت جيڪا شريعت جي دائري ۾ رهي ڪئي وڃي، اها سچّي محبت آهي، اها ئي محبت نجات ڏيارڻ واري بہ آهي ۽ هي ئي اها محبتِ علي آهي جنهن کي ايمان جي نشاني قرار ڏنو ويو آهي.

هاڻي ذِهن ۾ سُوال اچي ٿو تہ حضرت علي رَضِیَ اللہ عَنْہ جي سچّي محبت ڪهڙي آهي؟ هن جي سڃاڻپ ڇا آهي؟ هن حوالي سان عالم سڳورن محبّتِ علي جون ڪي تقاضائون ۽ نشانيون لکيون آهن، انهن مان 2 هي آهن:

## (1): محبّتِ علي جي پهرين تقاضا

محبَّتِ علي جي پهرين تقاضا يا پهرين نشاني هي آهي تہ حضرت علي رَضِیَ اللہ عَنْہ جي محبّت سان گڏوگڏ سندن دوستن يعني صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي محبت بہ دِل ۾ موجود هجي، جيڪو شخص محبّتِ علي جي دعويٰ بہ ڪري ۽ صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بابت گهٽ وڌ ڳالهائي، اهڙو شخص حضرت علي سان سچّي محبّت ڪرڻ وارو هرگز نٿو ٿي سگهي. ڏسو! حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللہ عَنْہ پاڻ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان بعد سڀ ڪان بهتر اَبُو بَڪر ۽ عُمر آهن، پوءِ فرمايائون: لَا يَجْتَمِعُ حُبِّي وَ بُغْضُ اَبِي بَكْرٍ وَّ عُمَرَفِي قَلْبِ مُؤْمِنٍ يعني منهنجي محبت ۽ ابو بڪر ۽ عمر رَضِیَ اللہ عَنْہما جو بغض ڪنهن مؤمن جي دِل ۾ جمع نٿو ٿي سگهي.[1]

معلوم ٿيو: جيڪو شخص حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہ عَنْہ جي محبّت جي دعويٰ تہ ڪري پر حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہُمَا کي بُرو ڀلو چوي، ان جي محبّت سچي نہ آهي بلڪ اهو محبت جي دعويٰ ۾ ڪوڙو آهي.

---

[1] …معجم اوسط،جلد:3، صفحہ:79، حديث:3920۔

## ڪڏهن به اُڃ نہ لڳڻ جو انوکو راز

حضرت ابو محمد عبدُالله مُهتَدِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مون حج جي سعادت حاصِل ڪئي. حرم شريف ۾ هڪ شخص جي باري ۾ ٻڌو تہ هي پاڻي نٿو پي سگهي! مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو، مون ان کان ملاقات ڪري ان جو سبب پڇيو تہ ٻڌايائين: مان حِلّہ جو رهاڪو آهيان، هڪ رات مون خواب ۾ قِيامت جو هوش اڏائيندڙ منظر ڏٺو ۽ اُڃ جي شدّت سان پاڻ کي بيتاب ڏٺم ۽ ڪنهن طرح حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي حوض مبارَڪ تي پهچي ويس، اتي حضرتِ ابو بڪر صدِّيق ، حضرت عمر فاروقِ اعظم، حضرتِ عثمانِ غني ۽ حضرت موليٰ علي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنهم موجود هئا ۽ ماڻهن کي پاڻي پيئاري رهيا هئا. مان حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيس، ڇوتہ مون کي سندن تي وڏو ناز هو، مان ساڻس گهڻي مَحَبَّت ڪندو هئس ۽ ٽنهي خليفن کان کين افضل سمجهندو هئس، پر هي ڇا! پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنه مون کان چهرو مبارَڪ ئي ڦيري ڇڏيو! جيئن تہ تمام گهڻي اُڃ لڳل هئي، مان واري واري سان ٽنهي خليفن وٽ بہ ويس، هر هڪ مون کان چهرو ڦيري ڇڏيو. ايتري ۾ منهنجي نظر مديني جي تاجور، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ تي پئي، سندن بارگاهِ انور ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيم: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ! موليٰ علي مون کي پاڻي ناهي پيئاريو بلڪ پنهنجو چهرو ئي ڦيري ورتو. ارشاد ٿيو: هو توکي پاڻي ڪيئن پيئاريندا! تون تہ منهنجي صَحابي سڳورن سان بُغْض رکين ٿو! اِهو ٻڌي مون کي پنهنجي عقيدي جي غَلَط هئڻ جو يقين ٿي ويو ۽ مون نهايت شرمساري سان حُضُور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ هٿن تي سچّي توبہ ڪئي، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مون کي هڪ **پيالو** عنايت فرمايو جيڪو مون پيءُ ورتو، پوءِ منهنجي اک کلي پئي. اَلحمدُ لله! جڏهن کان دستِ مصطفٰي سان پيالو پيتو آهي، مون کي بِلڪل اُڃ ناهي لڳَندي. هن خواب کان بعد مون پنهنجي اهل و عِيال کي توبہ جي تلقين ڪئي انهن مان جن توبہ ڪري مسلڪ اهلِ سنّت و جماعت قَبول ڪيو مون انهن سان تعلق قائم رکيا،

باقين سان ناتا ٽوڙي ڇڏيا.[1]

جب دامنِ حضرت سے ہم ہو گئے وابَستہ | دنیا کے سبھی رشتے بیکار نظر آئے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان خبر پئي ته سچي مسلمان جي سڃاڻپ هي آهي ته هو تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي عظمت ۽ شان جو دل سان اعتراف ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ڪجھ صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان مَحَبّت ۽ ڪجھ سان بُغض رکي ٿو ته اهو سخت غلطي تي آهي. الله پاڪ اسان کي سيني صَحابي سڳورن ۽ اهلِ بيتِ عِظام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان سچي مَحَبّت و عقيدت عنايت فرمائي. هن تي استِقامت بخشي ۽ انهيءَ ۽ اُلفت ۽ اِرادَت جي حالت ۾ زيرِ گنبدِ خضرا جلوهءِ محبوب ۾ شهادت، جنَّتُ البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن پيارن جو پاڙو عنايت فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادم | یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یا رسولَ اللہ![2]

## (2): محبتِ علي جي ٻي تقاضا

مشهور مُحَدّث، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي سچّي محبت جي هڪ نشاني هي آهي ته عملن ۾ سندن جي پيروي ڪجي، مُخَالفت نه ڪجي.[3]

مطلب هي آهي ته جيڪو شخص جنهن سان محبّت ڪري ٿو، ان جون ادائون به اپنائي ٿو، لهٰذا جيڪو حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنۡه سان محبت ڪري ٿو، اهو رڳو خالي دعويٰ ئي نه ڪري بلڪ سيرت ۾، ڪردار ۾، گفتار ۾ حضرت مولىٰ

---

1 …مصباح الظلام،صفحہ:74 ملخصاً۔

2 …وسائلِ بخشش،صفحہ:330-

3 … مرآۃالمناجیح،جلد:8 ،صفحہ:414۔

علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي پيروي بہ اختيار ڪري. مثال طور ۞ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بي مثال عالِمِ دِين هئا، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان عِلمِ دين سکون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪرِيم! شوّال المڪرم ۾ جامعة المدينہ جا داخلا شروع ٿي رهيا آهن، جامعہ ۾ داخلا وٺو، عالِم ڪورس ڪريو، عالِم بڻجو، مفتي بڻجو، ان کان عِلاوه دعوتِ اسلامي تحت مختلف شارٽ ڪورسز (*Short courses*) ڪرايا ويندا آهن: فرض عُلوم ڪورس آهي، فيضانِ نماز ڪورس آهي، اِصلاحِ اَعمال ڪورس آهي، اهي ڪورس ڪريون، فيضان آن لائِن اڪيڊمي ۾ عِلمِ دين جا ڪوڙ سارا ڪورس آن لائِن بہ ڪرايا ويندا آهن، انهن ۾ داخِلو وٺو، هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪريو، هفتيوار رسالو پڙهو، تفسير صراط الجنان پڙهو، فيضانِ سُنَّت، فيضانِ نماز وغيره ڪتاب خريد ڪري پڙهو، دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ ***Islamic eBook Library*** جي نالي سان موبائِل ايپلي ڪيشن بڻائي آهي، هن ۾ مڪتبة المدينہ جا تقريباً سيئي ڪتاب موجود آهن، پنهنجي موبائِل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، مفت ۾ ڪتاب ڊاؤنلوڊ ڪريو، پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪرِيم! تمام گهڻو عِلمِ دين سکڻ لاءِ ملندو.

۞ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه حمايتِ دِين جي معاملي ۾ مضبوط ارادو رکڻ وارا هئا، تنهنڪري محبّتِ علي (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه) جي دعويٰ ڪرڻ وارن کي بہ گهرجي تہ دِين جي خُوب خدمت ڪن، نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائن، بُرائي کان منع ڪن، خِدمتِ دِين جي لاءِ هميشہ حوصلا بلند رکن ۽ وڏ کان وڏ دِينِ اسلام جي خدمت ڪندا رهن.

۞ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه حڪمت ڀري گفتگو ڪندا هئا، اسان کي بہ گهرجي تہ فضول ڳالهين کان بچون، سنو سوچيون ۽ سنو ئي ڳالهايون

۞ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه رات جي اونداهي ۾ عِبَادت ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا، اسان کي بہ گهرجي تہ الله پاڪ جي خُوب عبادت ڪريون، فرض بہ پُورا ادا ڪريون، واجبات بہ پُورا ڪريون ۽ ان سان گڏوگڏ رات جي تنهائي ۾ بہ خُوب عِبَادت جو لطف ماڻيو ۞ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه خوفِ خُدا سان روئڻ وارا

هئا، اسان بہ خوفِ خُدا اپنايون، ڪڏهن جهنّم جو تَصَوُّر ڪريون، ڪڏهن عذابات جو ذِڪر پڙهون، ڪڏهن قبرستان حاضِر ٿي فِڪرِ آخرت ڪريون ۽ خوفِ خُدا سان لڙڪ وهايون ۞حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪندا هئا ۞ سلام ۾ پهل ڪندا هئا ۞ پرهيز گارن جو احترام ڪندا هئا ۞ غريبن مسڪينن سان محبت ڪندا هئا، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان روزانو پنهنجي اَعمَال جو جائِزو وٺون، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪ بڻجڻ جو بهترين نسخو يعني رسالو **نيڪ اَعمَال** عطا فرمايو آهي، زهي نصيب! هي رسالو مڪتبة المدينہ تان حاصِل ڪريو، جيڪڏهن چاهيو تہ Naik Amaal نالي موبائِل ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ هن جي مطابق پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ جي عادت بڻايو ۞ غريبن سان محبت بہ ڪريو ۞ عالم سڳور ۽ نيڪ ماڻهن جي عزّت بہ ڪريو.

حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي پاڪيزه سيرت جون اهي اعليٰ وصفون اپنائيندا سين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي محبت بہ نصيب ٿيندي، هن ۾ اِضَافو بہ ٿيندو ۽ هي محبّت اللّٰه پاڪ جي فضل و ڪرم سان نجات جو ذريعو بہ بڻجي ئي ويندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي زندگي کي بامقصد بنائڻ، خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول جي نعمت ماڻڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌ ڪان وڌ حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! دِين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع بہ آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار

ٻڌون ٿا:

## شرابي، مبلغ ڪيئن بڻيو؟

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: اسان جي علائقي ۾ هڪ شرابي ڏينهن رات گُنَاهن ۾ مصروف رهندو هو ۽ گهڻو شراب پيئندو هو، هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اِجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. ان جي خوش نصيبي جو اهو اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. ان جي وڏيڪ خوش نصيبي جو ان هفتيوار اجتماع ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي بيان ڪرڻو هو. ان شرابي شخص جڏهن رقت انگيز بيان ٻڌو ته ان جي دِل نرم ٿي وئي، خوفِ خُدا سبب ان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، بيان کان بعد به هو گهڻي دير تائين ڪنڌ جهڪائي زار و قطار روئيندو رهيو. ان خوش نصيب پنهنجي گُنَاهن کان توبه ڪئي ۽ شيخ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هٿ تي بيعت ٿي حضور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مريدن ۾ شامِل ٿي ويو.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1]…مشكوٰة،كتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هٿ تي بيعت ٿي حضور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي مريدن ۾ شامِل ٿي ويو.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## روزو ٽوڙڻ واريون شيون

۞ کائڻ، پيئڻ يا همبستري ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوي ٿو جڏهن ته روزيدار هجڻ ياد هجي ۞ حقو، سگار، سگريٽ، چرس وغيره چڪڻ سان به روزو ٽُٽي پوي ٿو. جيتوڻيڪ پنهنجي خيال ۾ نِڙيءَ تائين دونهون نه پهتو هجي. ۞ **ڏندن** مان رت نڪري نِڙيءَ کان هيٺ لٿو ۽ رت ٿُڪَ کان وڌيڪ يا برابر يا گهٽ هيو پر ان جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيو ته روزو ٽُٽي پيو ۽ جيڪڏهن گهٽ هيو ۽ مزو به نِڙيءَ ۾ محسوس نه ٿيو ته **روزو** نه ويو. ۞ **گرڙي** ڪري رهيو هيو. بنا ارادي جي پاڻي نِڙيءَ کان هيٺ لٿو يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو ۽ دماغ ڏانهن چڙهي ويو ته روزو ٽُٽي پيو پر جيڪڏهن روزيدار هجڻ ڀُلجي ويا هُجو ته نه ٽُٽندو، جيتوڻيڪ جاڻي واڻي ٿئي. ائين ئي روزيدار ڏانهن ڪنهن ڪا شيءِ اڇلائي، اها ان جي نِڙيءَ ۾ هلي وئي ته **روزو** ٽُٽي پيو. ۞ **وات** ۾ رنگين ڌاڳا وغيره رکيا جنهن سان ٿُڪَ رنگين ٿي وئي پوءِ اها ئي رنگين ٿُڪَ ڳيهي ويؤ ته **روزو** ٽُٽي پيو ۞

[1] مشكوٰة،كتابُ الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175.

**ڳوڙها** وات ۾ هليا ويا ۽ توهان ڳهي ويؤ. جيڪڏهن قطرو يا ٻہ قطرا آهن تہ روزو نہ ويو ۽ وڌيڪ هئا ۽ ان جي ڇهراڻ پوري وات ۾ محسوس ٿي تہ ٽُٽي پيو. پگهر جو بہ اهو ئي حڪم آهي. (فيضان رمضان، صفحہ:131تا132)

ماهِ رمضان جي متعلق تفصيلي احڪام ۽ مسائل ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مايہ ناز ڪتاب "فيضان رمضان" پڙهي ونو!

الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد